رقيہ عامر

# شاھہ لطيف جي ڪلام ۾ سجاڳي ۽ جدوجهد جو تصور


***Abstract:***

Imagination of Awareness and Struggle in Shah Latif's Poetry

*When a human being visualizes the world with his knowledge, making use of his senses, he feels and creates its image and defines it with in a creative manner which becomes eternal. The depth and span of human knowledge has a connection with the experiments and observations of the outer world.*

*Shah Latif is the conscious poet of Sindh. Latif has included the common folk in his poetry because these common folk characters give the imagination with respect to the awareness and struggle with which people get enthusiasm for life. Latif's poetry is not based merely on the collection of myths and stories but Latif's poetry involves imagination.*

*Latif's Knight, Marvi, is a poor girl. She is a strong and sustainable character. Her name gives the imaginative feels of loyalty, respect, honor, and patriotism. Bejal provides imagination of a musician, whereas, Moriro Mir Bahar provides imagination for a practical struggle. Sasuie continuously provides the imagination for awareness and struggle.*

*In describing these characters, Latif has an important aim. With the use of these characters, Latif promotes the spiritual, social, economic and moral awareness among the common folk while also encouraging people to do good deeds. In doing so, he is also minded of spreading awareness regarding the situations prevalent at that particular time. Society develops from struggles. Latif tries to remove unemployment, hunger and evilness from the society and for that purpose he has chosen or created such courageous characters which enable the society to become pure, peaceful, prospers, and is based on the principles and notions of human rights.*


**انساني** زندگيءَ جي ارتقاءَ، تحرڪ تي مدار رکي ٿي. ان ڪري زندگيءَ جو ٻيو نالو سجاڳي ۽ جِدوجُهد آهي. فرائيڊ جي تحقيق ۽ تعليم مطابق، انساني شعور جي





گهرائي ۽ وسعت جو تعلق، خارجي دنيا جي تجربن ۽ مشاهدن سان هوندو آهي. ان ڪري انسان ڪائنات جي مشاهدي ڪرڻ وقت، پنهنجي سڀني حواسن جو استعمال ڪري ٿو. اهي حواس ئي انسان جي ٻاهرين دنيا سان رابطي جو سبب آهن. انهن حواسن وسيلي، انسان کي ڪائنات بابت جيڪا ڄاڻ ملي ٿي، ان ڄاڻ يا شعور سان ئي، انسان جي ذهن ۾، 'سجاڳي ۽ جدوجهد جو تصور' اڀري ٿو. ان ڪري تصور خلا مان نازل نہ ٿيندو آهي، پر تصور انسان جي ذهن جي پيداوار آهي. جيڪو هن کي حواسن وسيلي حاصل ٿئي ٿو. جڏهن انهن حواسن جي ذريعي، انسان ٻاهرين دنيا بابت ڪجھ محسوس ڪري ٿو، تڏهن ان جو تصور ذهن ۾ ٺاهي پوءِ ان کي تخليقي انداز ۾ پيش ڪري ٿو. جيڪا پنهنجي حالت ۾ ابدي ۽ دائمي هوندي آهي .

ڪائنات ۾ موجود ڪا بہ شيءِ، پنهنجي فطرت ۽ حالت جي باري ۾ واضح معلومات نہ ڪٺي ايندي آهي. صرف انساني ذهن ئي انهن جي باري ۾ هڪ تصور قائم ڪندو آهي تہ، فلاڻي شيءِ ڪهڙي ڪم اچي سگهي ٿي ۽ ان جي تخليق جو مقصد ڇا آهي. مطلب تہ انسان مختلف شين کي ڏسندو آهي، تڏهن انهيءَ جي باري ۾ معلومات، ان جي تحت الشعور مان شعور ۾ اچي ويندي آهي. جنهن کان پوءِ ماڻهو ان معلومات جي روشنيءَ ۾، شين جي سڃاڻپ لاءِ انهن جا نالا مقرر ڪري، پوءِ استعمال جي لائق بڻائيندو آهي. حقيقيتِ مطلق تائين پهچي سگهندو آهي. جيئن لطيف پنهنجي ذاتي مشاهدي ۽ تجربي جي بنياد تي، هي تصور پيش ڪيو آهي تہ:

پَڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائِيءَ جو جي لَهين،
هـئا اَڳِـهين گَڏُ، ٻُـدَڻَ ۾ ٻَـہ ٿِيا.

(شاهواڻي، غلام محمد ،۲۰۰۵ع، 'شاھہ جو رسالو'، سرڪلياڻ، داستان۱،بيت ۲۲، ص :۷۰)

## سجاڳي، جِدوجُهد ۽ تصور لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم :

لطيف جي سجاڳي ۽ جِدوجُهد واري تصور کي بيان ڪرڻ کان اڳ، انهن لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم تي ڏار ڏار روشني وجهنداسين، تہ جيئن سجاڳي ۽ جِدوجُهد جي تصور کي واضح انداز سان بيان ڪري سگهجي. پهريائين سجاڳي لفظ جي معنيٰ ۽ وصف هن طرح آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## سجاڳي :

سجاڳي لفظ کي انگريزي ٻوليءَ ۾ (Awareness) چئبو آهي. آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ ان جي وصف بابت هن طرح ڄاڻايل آهي تہ:

"Knowledge or perception of a situation or fact".

مئريم ڊڪشنريءَ ۾ سجاڳي لفظ جي معنيٰ ۽ وصف هن طرح بيان ٿيل آهي.

The quality or state of being aware: knowledge and understanding that something is happening or exists.

سنڌي ٻوليءَ جي 'جامع سنڌي لغات' ۾ڊاڪٽرنبي بخش خان بلوچ، سجاڳي لفظ جي معنيٰ "خبرداري، بيداري، جاڳرتا ۽ هوشياري"[(١)] ڏني آهي.

اصطلاحي معنيٰ ۾سجاڳي لفظ بابت ائين ڪٿي چئجي تہ، ڪنهن شيءِ جي باري ۾ سمجھ يا ڄاڻ هئڻ. انسان کي هر وقت پنهنجي هوش ۽ حواس سان هوشيار ۽ سجاڳ رهڻ گهرجي.

## جِدوجُهد :

جِدوجُهد لفظ کي انگريزي ٻوليءَ ۾ (Struggle)چئبو آهي. Struggle لفظ جي وصف بابت آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ ڄاڻايل آهي تہ:

1. Make forceful or violent efforts to get free of restraint or constriction.

2 .Strive to achieve or attain something in the face of difficulty or resistance.

مئريم ڊڪشنريءَ ۾ جدوجهد لفظ جي معنيٰ ۽ وصف هن طرح لکيل آهي.

1. To make strenuous or violent efforts in the face of difficulties or opposition.

2. To proceed with difficulty or with great effort.

سنڌي ٻوليءَ جي 'جامع سنڌي لغات' ۾جَدوجُهد لفظ جي معنيٰ، "ڪوشش، ڊُڪ ڊوڙ، محنت، جفاڪشي، پاڻ پتوڙڻ ۽ جاکوڙ"[(٢)] لکيل آهي.

اصطلاحي معنيٰ ۾ ائين چئجي تہ، ڪنهن شِيءِ ، ڪم يا مقصد لاءِ محنت، جستجو، جاکوڙ کي جِدوجُهد ڪرڻ چئجي.

## تصور :

تصور عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن کي انگريزي ٻوليءَ ۾ (concept)





چئبو آهي.

مئريم ڊڪشنريءَ ۾ تصور لفظ جي معنيٰ ۽ وصف هن طرح لکيل آهي.

1. Something conceived in the mind.

2. An abstract or generic idea generalized from particular instances.

اهڙيءَ طرح انگلش آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ Concept لفظ جي وصف بابت ڄاڻايل آهي.

1. An idea or invention to help sell or publicize a commodity.

2. An idea or mental image which corresponds to some distinct entity or class of entities, or to its essential features, or determines the application of a term (especially a predicate), and thus plays a part in the use of reason or language.

سنڌي ٻوليءَ جي جامع لغات ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن ريت بيان ڪئي آهي: "دل ۾ ويهاريل خيالي تصوير، خيال، فڪر."[(٣)]

تصور لفظ کي فلاسفياڻي انداز ۾ هن طرح چئجي تہ، ڪنهن شيءِ جي سمورن پهلوئن جي گڏ جوڙيل ذهني شڪل، صورت يا خيال وغيره. انسان جي عقل جو گهر دماغ آهي. عقل انسان جي جسم ۾ موجود، هڪ اهڙي اوزار جو نالو آهي. جنهن جو ڪم حواسن ذريعي، ملندڙ هر قسم جي شين يا وجودن جي هجڻ، انهن جي پرک ۽ انهن تي راءِ ڪي، اصطلاحي لفظن ۾ 'تصور يا فڪر' چيو ويندو آهي. انهيءَ تصور جي وسيلي انسان ۾سجاڳي ۽ جِدوجُهد جي ابتدا ٿي. ان عقل، شعور، سجاڳي ۽ جِدوجُهد ئي انسان کي زندگيءَ جي نون مشاهدن، تجربن ۽ رخن سان روشناس ڪرايو.

### تصور جي وصف بابت مختلف ڏاهن جا رايا:

مشهور يوناني فلاسافر افلاطون، جنهن کي تصورات جو باني چيو وڃي ٿو، تنهن تصور جي وصف بابت پنهنجي راءِ جو اظهار هن طرح ڪيو آهي تہ، "تصور ئي هڪ نيڪي ۽ حقيقت آهي، ۽ مادي کان اعليٰ ۽ اوچو آهي. خدا تصور آهي، جيڪو غير مادي ۽ لافاني آهي."

اهڙيءَ طرح ارسطو جنهن جي خيال ۾ 'مادو ئي حقيقت آهي'، جهڙو فلسفو پيش ڪيو.اهو پڻ ان راءِ جو نظر اچي ٿو تہ: "تصورجا مختلف نالا، مادو، جوهر ۽ روح آهن. اهي ان وقت سمجھ ۾ايندا، جڏهن انسان انهن کي، انهن جي مادي دنيا ۾ پرکيندو. هن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

فلسفي جي وڏي خوبي اها آهي ته، هي سائنسي فلسفو آهي، (جيڪو) احساس ۽ تصورن جي وچ ۾ هڪ ڪڙي آهي."

سندس خيال موجب، "تصورڪان پهريائين مادو موجود هو. بغير مادي جي تصور ڪرڻ ناممڪن آهي. مادو ئي هڪ اهڙو ذريعو آهي، جيڪو حقيقت جو عڪس آهي. تنهن ڪري مادي شين جي علم (بات چاٽڻ) ضروري آهي. (اهوئي سبب آهي جنهن ڪري) مادي جي وڏي اهميت آهي. اهوئي هڪ وسيلو آهي، جيڪو انسان کي الله تعاليٰ جي قرب ۽ ابدي حقيقت سان همڪنارڪندو آهي."[۴]

اهڙي ئي تصور جي وصف بابت، قاضي عبدالقادر پنهنجي ڪتاب، 'تعليم ۽ فلسفهٔ تعليم' ۾لکي ٿو ته: "فلسفهٔ تصوريت جي جامع وصف بيان ڪرڻ، وڏو مشڪل ڪم آهي. ليڪن مختصرطورتي ائين چئي سگهجي ٿوته، تصوريت اهو نظريهِ حيات ۽ ڪائنات آهي، جنهن جي مطابق انساني روح جي گهرائين ۾، هڪ سرمدي حس ڦرندڙ آهي. جيڪا روحانيت جي ئي هڪ شڪل آهي. جنهن جي مطابق انسان هن جهان ۾ ان هستيءَ جو سچاڻو بڻيو آهي.

انسان جي حياتيءَ ۾ اصل ڪائنات جي جهلڪ ۽ ان جا تصور ۽ نصب العين ۾ڪامل ۽ لازوال ايندڙ حسي جي پيشنگوئي ٿئي ٿي. انسان کي ان جي حدن کان قطع نظرڪري ڏٺو وڃي ته، خود خدا آهي."[۵] اهڙو سچاڳيءَ جو تصور لطيف هن طرح بيان ڪري ٿو ته:

وهم وسارياس، نہ تہ پنهون آءٌ پاڻ هئي!

(شاهواڻي، غلام محمد، (۲۰۰۵ع)، 'شاهہ جو رسالو'، سرسسئي آبري، داستان ۵، بيت ۸، ص:۳۰۵)

سيئي ساري سسئي ! گهر ڪُندبون تون گهورِ،
وڃي ڏُور مَ ڏورِ ، دَران منجهہ دوستُ ٿيو.

(شاهواڻي، غلام محمد، (۲۰۰۵ع)، 'شاهہ جو رسالو'، سرسسئي آبري، داستان ۳، بيت ۴، ص:۲۹۳)

جان پيهي ڏِنُمِ پاڻَ ۾ ، ڪري روحَ رِهاڻِ،
تان نَہ ڪو ڏونگرُ ڏيهَ ۾، نَہ ڪا ڪيچِيَن ڪاڻِ،
پُنهَون ٿِيَس پاڻ ، سَسُئِي تان سُورَ هئا.

(شاهواڻي، غلام محمد، (۲۰۰۵ع)، 'شاهہ جو رسالو'، سرسسئي آبري، داستان ۳، بيت ۷، ص:۵)

هڪ ٻئي بيت ۾ لطيف چئي ٿو ته:





ووڙِيَمِ سَڀِ وٿاڻَ ، يار ڪارَڻِ جَتَ جي ،
"وَاللہُ بِڪُلِ شَئيءِ مُحيط"، اِيءَ آرياڻِيءَ اُهيجاڻَ،
سَڀَ ۾ پُنُهون پاڻُ ، ڪِينهي ٻِيو ٻَروچ ري.

(شاهواڻي، غلام محمد، (۲۰۰۵ع)، 'شاهہ جو رسالو'، سرسسئي آبري، داستان ۳، بيت -٦، ص :۲۹۴)

هڪ ٻئي بيت کي ڏسجي تہ لطيف جو سچاڳي ۽ جِدوجُهد جو تصور، ائين آهي، ڄڻ خدا بندي ۾ئي موجود آهي. لطيف چئي ٿو ته:

جو تون ڏورِئين ڏُورِ ، سو سَدا آهي ساڻُ تو،
لالنَ لئي ، لَطِيفُ چئي ، مَنجِهي ٿِيءُ ، مَعذورِ،
مَنجهان پَئي پَروڙِ ، تو مَنجِهہ آهِسِ تَڪِيو.

(شاهواڻي، غلام محمد، (۲۰۰۵ع)، 'شاهہ جو رسالو'، سرسسئي آبري، داستان ۳، بيت ۱۰، ص:۲۹۵)

جنهن حسي اڳ ڪتي جي ڳالهہ، قاضي عبدالقادر ڪري ٿو، ان جي وضاحت ۾ ڊاڪٽرتنوير عباسي، لطيف جي ڪلام بابت لکيل ڪتاب 'شاهہ لطيف جي شاعري' ۾ لکي ٿو ته: "شاعر جيترو حساس هوندو، اوترو هن جا حس، وڌيڪ خبردارهوندا آهن. انسان جيئن تہ هن ڪائنات جي مشاهدي ڪرڻ وقت، پنهنجا سيئي حس ڪم آڻي ٿو. تيئن شاعر بہ ان دنيا جي ٻيهر تخليق وقت، پنهنجي شعر ۾ انهن سيني حسُن جو بيان ڪري ٿو. انهن سيني تجربن جو ذڪر ڪري ٿو. جيڪي هن کي مشاهدي ڪرڻ وقت محسوس ٿيا هئا."[٦]

تاريخ تي نظر ڪجي ته، انسان ڌرتيءَ تي، جاندارن ۾ اعليٰ مقام رکندڙ مخلوق آهي. جنهن کي اشرف المخلوقات پڻ سڏيو وڃي ٿو. اهڙو شرف جو درجو، انسان کي شعور، عقل ۽ ڏاهپ جي ڪري مليو آهي. شرف جو اهو درجو، انسان کي ٻين جاندارن کان ڌار ۽ منفرد حيثيت ڏياري ٿي.

جيڪڏهن ڏسجي ته، عقل، ڏاهپ ۽ انسان جو 'شعور' ئي آهي، جيڪو ڪائنات جي مشاهدي کان پوءِ ڪيس حاصل ٿئي ٿو. اهو شعور انسان، حواسن وسيلي حاصل ڪري ٿو. جنهن ڪري انسان ۾ سوچ ۽ فڪر جي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي. جيڪا ٻين جاندارن ۾نہ آهي. جڏهن تہ ٻيا بہ جاندار زندگي گذارين ٿا پر ليڪن انهن ۾ زندگيءَ بابت سوچ ويچار جي صلاحيت موجود نہ آهي. ۽ نہ ئي ان جي ضرورت محسوس ڪن ٿا. ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته، حيوان، انسان وانگر شعور، عقل،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

فهم ۽ فڪر جهڙي اعليٰ سطح ۽ تخليقيت واري سوچ، عقل جهڙي ارفع صلاحيتن کان محروم آهي. پر انسان جي علم ۽ ڄاڻ ۾، واڌاري جو وڏو سبب خيال، تصور، شعور، سوچ ۽ فڪر آهي.

اها حقيقت آهي ته، انسان کي اعليٰ مقام تي رسائيندڙ ۽ هڪ عظيم انسان بڻائيندڙ، سڀ کان وڏي وٽ سوچ، فڪر، سجاڳي ۽ جِدوجُهد جو تصور آهي. جنهن ڪري انسان ڪائنات جي ڳجهن رازن تائين به رسائي حاصل ڪري رهيو آهي. انهيءَ تصور، فڪر ۽ سوچ جي وسيلي انسان جي ذهن ۾ شعور جا نوان نوان دروازا کلن ٿا .

ڊاڪٽر غفور ميمڻ پنهنجي مقالي، 'شاهه لطيف جي شاعري ۾ رينڊم ۽ ريگيولر ٿيورين جو عڪس' جي عنوان سان ڪلاچي تحقيقي جرنل سيپٽمبر ٢٠٠٨ع جي صفحي ٤٩ لکي ٿو ته، "سائنسدان چون ٿا (ته) شعور، دماغ، روح يا وجود جو تحرڪ، بنيادي طرح مادي جي انتهائي منظم شڪل آهي. پر ڊاڪٽرغفورميمڻ جي پنهنجي راءِ اها آهي ته، مادي جي منظم شڪل جسم آهي، پر انرجيءَ جي منظم شڪل 'شعور' آهي."[٧] جنهن ذريعي انسان مادي توڙي روحاني راهن تي سفر ڪري ٿو. اها سوچ، فڪر، سجاڳي ۽ جِدوجُهد جو تصور ئي، انسان ۾سائنس، ادب ۽ فلسفي ۾ جدت ۽ نون نون نظرين کي جنم ڏئي ٿو. جنهن ڪري انسان هن تيز ترين ترقيءَ جي منزل تي گامزن آهي .

هڪ جديد تحقيق مطابق، انساني مخلوق، "اها ڌرتيءَ تي لڳ ڀڳ ٢ ملين (٢٠ لک) سالن کان رهندي پئي اچي. جيڪڏهن فرض ڪجي ته، ڌرتيءَ جي عمر فقط چوويهه ڪلاڪ آهي. ته پوءِ ائين چئبو ته ماڻهوءَ کي جنم ورتي اڃا هڪ منٽ به ڪونه ٿيو آهي. پر ان هڪ منٽ ۾ انسان ڪيڏا ڪم ڪيا آهن، ان جو ڪاٿو ئي ڪونهي. ان هڪ منٽ اندر، هن دنيا جي عظيم ترين تهذيبن ۽ ثقافتن کي جنم ڏنئي، ڌرتيءَ کي عجيب رنگ بخشي ڇڏيو آهي. انسان جيڪي ڪجهه ڪيو، ان جو لکت ۾ رڪارڊ وڌ ۾ وڌ پنج هزار سال اڳ شروع ٿئي ٿو. انهيءَ رڪارڊ مان اها خبر پوي ٿي ته، اوائلي تهذيبن وارا انسان ڪيئن سوچيندا هئا ۽ انهن جا باهمي رشتا ڪيئن هئا؟"[٨] پر انسان پنهنجي شعور، عقل ۽ ڏاهپ جي استعمال ڪري، اڄ جي ترقي يافته دور ۾ حيثيت رکي ٿو. ان ترقيءَ جي منزل تي انسان کي رسائيندڙ، انسان جو عقل، شعور، سوچ، فڪر، سجاڳيءَ ۽ جِدوجُهد جو تصور آهي.





اهڙيءَ طرح اهو 'سجاڳي ۽ جِدوجُهد جو تصور' ئي هو، جنهن انسان کي ٻين ساهوارن کان منفرد ۽ ممتاز مقام تي پهچايو. انسان ۾سجاڳي ۽ جِدوجُهد جو تصور، ڪيئن، ڪڏهن ۽ ڪهڙي طرح جنم ورتو؟ انهيءَ لاءِ انسان ڪهڙي طرح فطرت جا ڏاڪا ۽ قدرت جي جڙيل وجودن، قانونن سان ڪهڙي هلت رکندو موجوده دؤر ۾ هي مقام ماڻيو آهي؟ ۽ ان جي مستقبل جي منزل، حال جي حيثيت ڪٿي وڃي دنگ ڪندي؟ ان جي جواب کان عقل عاري لڳي ٿو.

انسان ۾ پنهنجي سماج جي ترقيءَ، بقاءَ، بچاءَ، بک، ڏک ۽ خوف کان هٽ پير هٽي، جيڪا جاکوڙ ۽ جستجو ڪئي آهي، ان لاءِ ته جيئن انساني زندگيءَ کي، سيني پاسن کان آسودگيءَ سان گذاري سگهجي. ۽ انهيءَ جي بقاءَ لاءِ بهترين کان بهترين نموني، سماج جي جوڙجڪ ڪري سگهجي. جنهن سان هڪ مثالي معاشرو قائم ٿي سگهي. ان معاشري ۾سچ، انصاف، برابري يا مڪمل انسانيت تي مبني اصول هجن. جنهن تي هر انسان کي بنا ڪنهن مت ڀيد جي، سيئي حق ۽ برابريءَ جي بنياد تي موقعا ميسر هجن. ڪو به اهڙو قانون، ريت ۽ اصول نه هجي، جنهن سان قدرت جي اصولن جي نفي ٿيندي هجي.

اهوئي سبب آهي جو سجاڳي ۽ جِدوجُهد جو تصور ئي، انسان جي ترقيءَ ۽ ارتقاءَ جي اهڙي تاريخ آهي، جنهن انسان کي ابتدا کان موجوده دور تائين رسايو آهي. ان کان سواءِ مستقبل ۾انهيءَ سجاڳي ۽ جِدوجُهد جي تصور وسيلي، انسان هن ڪائنات ۾لڪل اڻ ڏٺل لاپ جا انڪشاف ڪندو رهندو. ان ڪري انساني دماغ، ان شعور جي سطح تي پهچڻ لاءِ، دنيا جي مختلف تجربن مان گذرندو رهيو آهي، ۽ گذرندو رهندو.

تاريخ جي دريءَ مان جهاتي پائي ڏسجي ته، اها پليءَ پٽ ڄاڻ ملندي ته، "جيئن انسان جي تاريخي ارتقا، هڪ غير معمولي طويل ۽ ڪٺن سفرطئي ڪري، اڄوڪي جسماني جوڙجڪ کان شعور جي باريڪ پهلوئن تائين،هڪ شاندار ارتقائي صورت اختيار ڪئي آهي. تيئن انساني شعور جي غير معمولي تاريخي ارتقا به وقت طلب رهي آهي."[٩]

ان شعور، انسان جي دماغ ۾نوَن تصورن کي جنم ڏنو. ۽ انهن تصورن جي اظهار جو ذريعو ٻولي آهي. جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته، جبلت وارو عنصر، انسان ۽ حيوان ٻنهن ۾موجود آهي. پر انهن ٻنهي ۾جيڪو واضح فرق آهي، اهو شعور ۽ ٻوليءَ يا زبان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جو آهي.

ان ڳالهه جي وضاحت ۾، ڊاڪٽر فهميده حسين جي راءِ ڪافي وزندار آهي، سندس خيال موجب، "ٻولي اهو وسيلو آهي جنهن سان جانور، پکي 'ٻوليندا' آهن، انسان 'ڳالهائيندا' آهن. ٻولڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ بنيادي فرق 'شعور' جو آهي. جانور ۽ پکي، غير شعوري طور جبلتاً ٻوليندا آهن. جڏهن ته اها ساڳي جبلت ارتقائي عمل مان گذري، آوازن جي ٻولن مان لفظن ۽ جملن جي صورت وٺي، شعوري سطح تي انسان جي اظهار جو وسيلو بڻي. ۽ انسان جي سڃاڻپ بڻجي وئي. عربي ۾ ته انسان کي "حيوانِ ناطق" يعني ڳالهائيندڙ جانور چيو ويو آهي."(١٠)

انسان جي ڳالهائڻ واري قوت بابت قرآن ڪريم جي سورت الرحمٰن جي شروع واري پهرين آيت کان چوٿين آيت ۾ چٽي نموني ڄاڻايل آهي ته، " اَلرَّحمٰنُ (١) عَلَّمَ القُراٰنَ (٢) خَلَقَ الاِنسانَ (٣) عَلَّمَہُ البَیَانَ (۴)"، ترجمو: "رحمٰن قرآن ڪريم نازل ڪيو، انسان کي پيدا ڪري، ان کي علم عطا ڪري، ڳالهائڻ جي قوت بخشي."(١١)

اهڙيءَ طرح رجلس جو خيال آهي ته، "زبان جي استعمال ۾، انسان جي صلاحيت جي ڪري، ان کي جانورن جي مقابلي ۾ حد درجي جي سهولت مهيا ٿي پئي آهي."(١٢)

اهڙيءَ طرح جڏهن انسان کي پنهنجي صلاحيتن جو هوش آيو. تڏهن هن ۾ آهستي آهستي شعور جاڳڻ يا اچڻ لڳو. پوءِ هن پنهنجي تصورن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ جِدوجُهد ۽ پورهيو ڪرڻ شروع ڪيو. اينگلس جي تحقيق مطابق ته انسان جو اهو پورهيو سڀ کان پهرين ڳالهائڻ سان شروع ٿيو.

ان جي وضاحت ۾ سبطِ حسن جو خيال آهي ته، "ٻولي انسان جي سڀ کان عظيم تخليق آهي. جنهن جي ذريعي، انسان پنهنجي تجربن، خيالن ۽ احساسن کي ٻين تائين پهچائي ٿو. شين جو رستو يا تعلق، زمان ۽ مڪان سان ڳنڍي ٿو. يعني هو ٻين سان ماضي حال ۽ مستقبل، ويجهي ۽ ڏور جي متعلق، گفتگو ڪري سگهي ٿو. ان طرح (سان) ايندڙ نسلن لاءِ تهذيب جو نهايت املهه اثاثو ڇڏي وڃي ٿو."(١٣)

اهڙيءَ طرح ٻولي معاشرتي ترقيءَ ۾ اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي. "ٻوليءَ جو انحصار يا دارومدار، تخيل جي قوت تي آهي. ٻولي ۽ تخيل جي قوت انساني معاشري جي وحدت جا بنيادي ٿنڀا آهن. ٻوليءَ جي مدد سان انساني وجود





پنهنجي امڪانن جو اظهار ڪري ٿو. ۽ وحدت ٽوڙي ڪثرت کي عالمِ ڪثرت ۾ تبديل ڪري ٿو. بودليئر ان ڪري چيو ته، "تخيل ئي ڪائنات کي تخليق ڪيو آهي. (۽ خدا جي شخصي تصور کي به) ۽ اهو تخيل ئي ڪائنات تي حڪمراني ڪري رهيو آهي. ائين اڳتي هلي فلسفي، دانشور ۽ مفڪر پيدا ٿيا. جن شاعري، فلسفي، نفسيات ۽ رياضي جهڙن علمن کي جنم ڏنو، پر مجموعي طور تي سيني لطيف فنن اندر شاعريءَ کي سڀ کان مٿاهون ۽ اولين درجو مليو. شاعري انساني شعور جو پهريون علمي ۽ فڪري تاريخي ارتقائي ڪارنامو آهي. انهيءَ اعتبار کان شاعريءَ کي سيني علمن جو محرڪ چئي سگهجي ٿو."(١۴)

شاعري انساني احساسن ۽ جذبن جو اهڃاڻ اظهار آهي. جيڪو شاعر جي تصور ۽ تخيل ۾ سمايل هوندو آهي. اهڙيءَ طرح شاعر جي تخيل ۽ تصور تي شاعريءَ جي سيني نقادن جو زور آهي.

شاعر ۾ جيڪا انوکي حسيت آهي، اها کيس عام ماڻهن کان مٿانهون ڪري ٿي. شاعر جي تخيل جو تعلق ڪوشش سان نه پر سندس اندر جي آنڌمانڌ سان هوندو آهي. ڪارلائل شاعريءَ کي 'مترنم خيال' چوي ٿو. 'شيلي' (Shelley) تخيل جي اظهار 'کي شاعري چوي ٿو .

هينيرلٽ وٽ، "شاعري تخيل ۽ جذبات جي زبان آهي. ڪولرج جي تصور ۾ "شاعري علم و حڪمت جو ضد آهي، ۽ ان جو نصب العين، حقيقت جي ڳولا نه پر خوشي جو حاصل ڪرڻ آهي." ورڊس ورٿ جي لغت ۾: "شاعري سمورن انساني علمن جي جان ۽ ان جو لطيف ترين روح آهي. شاعري جذبات جي اهڙي پُر جوش علامت آهي، جيڪا سموري علم ۽ حڪمت جي چهري ۾ چٽي هوندي آهي." ايڊگرايلن پو جي خيال ۾، "شاعري حسن پُر آهنگ ۽ مترنم تخليق جو نالو آهي."

وائيس ڊنٽن (Wais Dunton) جو قول آهي ته، "شاعري جذباتي ۽ مترنم زبان ۾ انساني شعور جي محسوس ۽ جمالياتي اظهار جو نالو آهي"(١۵)

يورپ ۾ فرائيڊ، ينگ، سارتر ۽ ڪارل مارڪس فلسفي جي دنيا ۾ وڏو نالو رکن ٿا. انهن جو خيال، شاعريءَ بابت پڻ هن طرح آهي. "شاعري فرائيڊ جي نظر ۾ لاشعور جو ڪرشمو آهي. ينگ جي خيال ۾ شاعري اجتماعي لاشعور جو پڙاڏو يا گونج آهي. سارتر جي نظر ۾ شاعري وجودي وارتا جو تخليقي اظهار آهي. ڪارل



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مارڪس جي نظر ۾ شاعري سماجي وجود ۽ سماجي شعور جي تاجي پيٽي جو تخليقي انداز آهي، ۽ شاعري سماجي زندگيءَ جو تجرباتي ۽ مشاهداتي عڪس ۽ اولڙو آهي.“(١٦)

مڪاني ليکڪن ۾ تاج جويو پڻ ان خيال جو نظر اچي ٿو، سندس راءِ اها آهي ته، ”دنيا ۾ مختلف وقتن تي مختلف تحريڪون، قومن جي زندگيءَ ۾ نئين تاريخ مرتب ڪنديون رهيون آهن. هڪ تاريخ جيڪا سوچ جي نواڻ، تازگي ۽ جِدوجُهد سان عبارت آهي. ان عرصي ۾ ناميديءَ جو جتي به ڪو خلا نظر اچي ٿو، ان کي شاعريءَ ئي لفظن جي روشنيءَ سان پُر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انسانيت، امن ۽ ڌرتيءَ سان پيار ڪندڙ شاعرن پنهنجي ذات ۽ پنهنجي ڏانءَ وسيلي، دلين توڙي ذهنن ۾ چانئيل، اڻ جاڻائيءَ جي سانت کي چرڪائي، سوچ کي نوان گس، نيون راهون ڏسيندي، هميشه ڪنهن نئين روايت کي ضرور قائم ڪيو آهي“(١٧)

لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾، سوچ، لوچ ۽ فڪر جي نون گسن، نين روايتن ۽ قدرن جي ذريعي هڪ اڻ لکيل تاريخ رقم ڪندي، هڪ اعليٰ انساني سماج جو تصور پڻ ڏنو آهي. ان لاءِ لطيف پنهنجي ڌرتيءَ جي انهن ڪردارن جي چونڊ ڪئي آهي. جيڪي معاشري ۾ ڪمتر ۽ ضعيف، نبل، بي سمجهه ۽ جنهن کي سماج هيٺون سمجهي ٿو. جيڪڏهن ڏسجي ته لطيف انهن ڪردارن کي پنهنجي تصوراتي تخيل جي اُڏام سان، ايڏو ته پڪو ۽ پختگي بخشي آهي، جو اهي سندس ڪلام جا ته سورما ۽ سورميون بنجي منظرِ عام تي آيا آهن. پر پوري انسان ذات جي بقاءَ ۽ سماجي ارتقا جي تبديليءَ لاءِ سجاڳي ۽ جِدوجُهد جي تصور طور نظر اچن ٿا.

ديس جي انهن ڪردارن بابت، غلام نبي سدائي جو خيال آهي ته، ”لطيف لاشعوري محسوسات سان تخليقي پيڪر جوڙي، جنهن تخليقي تجريديت جو مظاهرو ڪيو، اها سندس وجداني ذات هئي. شعر جڏهن لاشعور جي دنيا ۾ پهچي ٿو، تڏهن جيڪو ڪجهه هو چوي ٿو، اهو اثر پذيري جي لحاظ کان قدرت جي خيال جي ترجماني بڻجي پوي ٿو. شاهه سائين جا سڀ سِرجيل ڪردار رضاڪاراڻي طور پنهنجاپ سان هن ڌرتيءَ ۽ سماج کي جوڙڻ ۽ سينگارڻ ۾ مشغول رهيا. انهن مان ڪي سمنڊ جي پاتال ۾ پيهي ماڻڪ ۽ موتي ڳوليندا رهيا ته ڪي وري وڻج واپار، حرفت ۽ صنعت سان سماج کي خوبصورتيون ۽ خوشبوئون آڇيندا رهيا.“(١٨) اهڙي سجاڳي ۽ جِدوجُهد جي ڪري،





لطيف انهن عام ڪردارن کي پنهنجي ڪلام ۾ مرڪزي حيثيت ڏني، سورما ۽ سورميون سڏي ٿو.

”لطيف انهن سورمن ۽ سورمين جي ڪردارن کي، جيڪي اڳ ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ موجود هئا. چٽائيءَ ۽ رچاءَ سان بيان ڪيو آهي. انهن کي اهڙيءَ پختگيءَ سان ڳايو آهي. جو انهن ڪردارن ڪلاسيڪي حيثيت حاصل ڪري ورتي. اها ڪلاسيڪي حيثيت، شاهه لطيف کان اڳ، انهن ڪردارن کي حاصل نه هئي. ڪلاسيڪي حيثيت حاصل ڪرڻ سان گڏ، اهي ڪردار ’اهڃاڻ‘ پڻ بڻجي پيا. اها پختي اهڃاڻي حيثيت به انهن ڪردارن کي، شاهه لطيف کان اڳ حاصل نه هئي. اهڙيءَ طرح ڪنهن قوم يا ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جا سورما ۽ سورميون، ان ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن ۽ ان ملڪ جي ماڻهن جي مجموعي احساس ۽ مجموعي نفسياتي ڪيفيت ڏي اشارو ڪندا آهن. ماڻهن جون خواهشون، امنگون ۽ ارمان، سڀ مجموعي طرح سان گڏجي، انهن ڪردارن ۾سمائجي وڃن ٿيون. ائين ڪٿي چئجي ته اهي ڪردار، قوم جي اجتماعي سوچ ۽ تصور جا پيڪر آهن. اڳتي هلي اهي ڪردار، سماج جي ذهين ۽ دانشور طبقي جي سوچ تي اثر انداز ٿين ٿا ۽ ان قوم جي ثقافت جو بنيادي جزو بڻجي پون ٿا.“(١٩) جهڙيءَ طرح سسئي مسلسل جدوجهد جو پيڪر ته، مارئي وطن جي حب ۽ لوئيءَ جي لڄ جو تصور ڏئي ٿي.

اهڙيءَ طرح لطيف پنهنجي ڪلام ۾ سسئيءَ جي ڪردار تي، پنج سُر تخليق ڪيا آهن. ان ڪردار جي وسيلي، سنڌي سماج جي ضعيفيءَ جو ذڪر ڪري، درد ۽ پيڙا، سور ۽ سختيون، جاکوڙ ۽ جستجو سان گڏوگڏ، سسئيءَ سان واسطو رکندڙ سيني شين کي اهڃاڻي حيثيت ۾”اظهار جو ذريعو بڻائي، نوان نوان تصور ڏنا اٿس. انهن تصورن وسيلي سماج جي مختلف پهلوئن کي، لطيف پنهنجي ذاتي مشاهدي ۽ تجربي جي بنياد تي، انهن ڪلاسيڪي سورمن ۽ سورمين جي تمثيل ۾ سجاڳي ۽ جِدوجُهد جي تصور کي واضح ڪيو آهي.

جستائين تصورن جو تعلق آهي ته، ”شاعريءَ ۾ روماني روين لاءِ تصور جو عمل دخل، اهم سمجهيو وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي جو ڪلاسڪ ۽ وڏا شاعر، سچن واقعن ۽ تصورن جي حوالي سان، حقيقتون ظاهر ڪندا آهن. لطيف جي سماج جا پنهنجا مسئلا ۽ پنهنجا رويا هئا. پر بنيادي مسئلا اقتصادي، روماني ۽ نفسياتي هئا. لطيف



Shah Abdul Latif Bhittai Chair

سماج جي انهن مسئلن جو گهرائيءَ سان مشاهدو ڪري، سماج جي بنيادي مسئلن کي اجاگر ڪندي، عام ماڻهن کي شعور ڏنو آهي.

اهي اقتصادي، روماني ۽ نفسياتي، مسئلا انهن سيني کي لطيف هر پهلو کان ڀرپور انداز سان ڪلام ۾ چٽيءَ طرح بيان ڪيو آهي. ان لاءِ ايڇ. ٽي سورلي جو چوڻ آهي ته: ”شاهه سائين جو مکيه مقصد نفسياتي مسئلي جي گهرائي ۾ وڃڻ هو، پر جيئن ته اهو مسئلو، ڳوناڻن لوڪن ۾ پيدا ٿيل هيو. تنهن ڪري هو عام شين کان پري نه ٿي سگهيو. رسالي ۾ علامت نگاري ۽ تخليقي تصورن منجهان، فڪر جي خلوص جو اندازو ٿئي ٿو.“[20] لطيف اها فڪر جي فرهي هٽ ڪري، سنڌي سماج سان گڏوگڏ سموري ڪائنات جي انهن مسئلن کي سامهون رکيو ۽ اهي بنيادي مسئلا جيڪي دنيا جي سيني ماڻهن جا گڏيل مسئلا آهن. لطيف هڪ سماجي مفڪر هو. ان ڪري، انساني سماج کي هڪ آدرشي سماج بڻائڻ لاءِ عام منجهان ئي اهڙا ته ڪردار ڪڍي مثال ڏيئي، سجاڳي ۽ جدوجهد جا تصور تخليق ڪيا. جيڪي لطيف جي ذاتي مشاهدي ۽ تجربن جي آڌار تي ذاتي تخليق ڪيل آهن. انهن تصورن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ لطيف پورهيتن کي پنهنجي ڪلام ۾ وڏي اهميت ڏيئي عالمي سطح تي ”ذات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،“ جي نظرئي سان سجاڳي ۽ جِدوجُهد جو تصور ڏنو. جيڪو عالمي سطح تي انساني حقن جي برابريءَ جي نمائندگي ڪري ٿو. لطيف جي نظر ۾ پورهيت ئي سماج جي ترقيءَ ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. پورهيت جي پرماريت سان انساني سماج ڪڏهن به ترقي نٿو ڪري سگهي. پورهيت ئي سماج جي خوشحاليءَ جو سبب آهي.

جتي صدين کان پورهيتن جي پورهيي جو قدر نه هجي، ساڳيون روايتون ورجائيبيون رهن ته، اهو سماج صدين کان ساڳين جڙتو قدرن جي ڪري، ڪني پاڻيءَ جي تلاءَ وانگر ڍٻارو ٿي ويندو آهي، جنهن ۾ انساني احساس ۽ بنيادي حقن سان گڏوگڏ ڪيترائي مسئلا ڪرڪٽي، انسانن کي نفسياتي مونجهارن جو شڪار بڻائي ڇڏين ٿا. شاهه لطيف سنڌ جو هڪ وڏو سماجي مفڪر آهي، جنهن جي پنهنجي ديس جي هر مسئلن تي نظر هئي.

ان ڪري پاڻ هيٺين جو حامي، رهبر، سونهون، هڏڏوکي بڻجي، ’نئون نياپو‘ ڪڍي آيو. جيڪو ان سماج جي جڙتو قدرن جي خلاف ڪلم ڪلا بغاوت جو اعلان هو. ان





بغاوت جي آواز لاءِ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ سماج جي انهن ڏتڙيل ڪمزور ڪردارن جي چونڊ ڪئي. ۽ پنهنجي تصورن ۽ علامتن کي واضح ڪرڻ لاءِ سماج ۾ سيني کان وڌيڪ ڪمزو ۽ پرماريت جو شڪار ٿيندڙ عورت کي، پنهنجي آواز جو ذريعو بنايو. ان آواز کي بيتن جي اهڃاڻي صورت ۾ بيان ڪري، سجاڳي ۽ جدوجهد جي تصور کي عملي جامو پهرايو. لطيف انساني سماج ۾ انهن سيني معاشرتي مسئلن جي نشاندهي ڪري. انهن کي قدرن جي تبديليءَ لاءِ تصور ڪري، عام ماڻهن کي سجاڳ ڪيو آهي.

تنوير عباسي لکي ٿو ته: ”لطيف جي دؤر ۾ سورمن ۽ سورمين کي Symbolic يا اهڃاڻي حيثيت حاصل ٿي. شاهه لطيف جا ڪردار، رڳو ڪردار ناهن. شاهه لطيف جا سُر رڳو ڪهاڻيون ناهن. شاهه لطيف جي سسئي رڳو ڌوٻيءَ جي ڌيءَ نه آهي. شاهه لطيف جي مارئي رڳو مارن جي ڇوڪري نه آهي. اهي ڪردار، پنهنجي ڪردار واريءَ حيثيت کان اڳتي وڌي، اهڃاڻي طور تصور Conception تي وڃن ٿا. اهي تصور اسان جي سنڌي سماج جي سوچ ۽ امنگ جي سڀ کان اوچي حاصلات آهن. اهي تصور اسان جي قدرن جي ترجماني ڪن ٿا.“[21]

’مارئي‘ لطيف جو اهڙو ڪردار آهي. جيڪو سنڌ جي ڪيترن ئي قدرن جي ترجماني ڪري ٿو. مارئي جي هڪ ڪردار ۾ لطيف ڪيترائي سجاڳيءَ جا تصور بيان ڪيا آهن. مارئيءَ جي هڪ پهلو ’سَت‘ بابت جيڪڏهن بيان ڪجي ته، اهو لطيف جو پاڪائي ۽ محبت جو اصل تصور، ڪيڏو نه اعلىٰ قسم جو آهي:

جهڙي آيس جيئن، تهڙي ملان تن ڪي،
ڦران ڦر چاريان، هنيون ڇيَم هيئن،
وڃان ڪيئن وطن ڏي، ڪاڻ لهنديم ڪيئن؟
مندائتي مينهن، سونُهان سرتين وچ ۾.

(شاهواڻي، غلام محمد، (۲۰۰۵ع)، ’شاهه جو رسالو‘، سرمارئي، داستان ٦، بيت ٢، ص:٥٨٨)

هن بيت ۾ ’جهڙي آيس جيئن، تهڙي وڃان تن ڏي‘، اهو ’سَت‘ جو تصور مارئيءَ جو ور سان وفاداريءَ جو تصور ته ڏئي ٿو، پر اهو ڪيت ۽ سيني مارن سان وفاداريءَ لاءِ سجاڳي ۽ جدوجهد جو تصور آهي. اهڙي سَت جي تصور کي لطيف تمام گهڻو ساراهيو آهي. هن بيت ۾ ان ’سَت‘ کي ساٿيهه ۽ مارن جي پس منظر ۾ بيان ڪيو آهي. اهڙي سجاڳي ۽ جدوجهد جي تصور کي لطيف واضح نموني هيئن بيان ٿو ڪري ته:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سَتِي تنهنجي سَتَ ۾، ڳالهہ گهُرجي ڳُجُ،
وَڏيو چيريو، چڇريو، پَرِ ۾ اُپِي پَڄُ،
سانڍَ اَمانَتَ اَڄُ، تہ ٿِيين سَمانِي ساٿيهہ ۾.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠١۵ع)، 'شاهہ جو رسالو'، سرمارئي، داستان ١٠، بيت ١١، ص:۵٩٩)

اهڙي سَت جي تصور بابت تنوير عباسي جو خيال آهي تہ: "سَتُ ۽ غيرت بہ زرعي جاگيرداري سماج جا قدر آهن. 'سَت' جو تصور پنهنجي پسند توڙي ناپسند جي مڙس سان وفاداريءَ جو تصور آهي. مارئي ان 'سَت' جي تصور جو اهڃاڻ آهي. مارئيءَ جي وفادري، رڳو ڪيت سان نہ، پر مارن سان پڻ آهي. اهو 'سَت' جو تصور، فرد کان اڳيرو ٿي، پنهنجي مڙس سان وفاداري ۽ سماج، وطن ۽ زمين سان وفاداري، ٻنهي جي اهميت يڪسان ٿيو وڃي."[٢٢] اهڙيءَ طرح لطيف مارئيءَ جي ڪردار جي وسيلي، 'لوئيءَ جي لڄ جو تصور'، 'سون تي سيڻ مٽائڻ جو تصور'، 'سنڌي عورت جي وفاداريءَ جو تصور'، 'عورت جي عزم ۽ بهادريءَ جو تصور'، 'قديم روايتن کي برقرار رکڻ جوتصور'، 'سماج ۽ ديس ۾ امن، آزادي، ۽ خوشحاليءَ جو تصور'، مطلب تہ مارئيءَ جي نالي وٺڻ سان ماڻهوءَ جي ذهن ۾ حب الوطن من الايمان، جي سجاڳي ۽ جدوجهد جو تصور اڀري اچي ٿو.

لطيف جي ذهن ۾ هڪ آزاد، باوقار خودمختيار، خوشحال ۽ پرماريت کان پاڪ سماج ۽ وطن جو تصور آهي. شاهہ لطيف مارئي جي ڪردار ذريعي اهو تصور ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. "لطيف پنهنجي سماج جي ضعيف ۽ نازڪ حالت پسي، مارئيءَ جو تصور ڏنو آهي. لطيف انهيءَ تصور جي ذريعي اهو ظاهر ڪري ڏيکاريو تہ سچائي ۽ سَت، هرويرون سرمائيدارن جو ورثو نہ آهي. سماج ۽ وطن سان سڪ جو جزو غريبن ۽ مسڪينن ۾ اوس ٿئي ٿو. مارئي هڪ عورت آهي، رڳو سنڌي سماج ۾ عورت کي هيٺو سمجهيو ويو آهي. غريب عوام کي حاڪم ٽولو بہ هيٺوسمجهندو آهي. ان ڪري ئي لطيف سائين اسان کي هڪ اهڙو لافاني تصور ڏنو آهي. اهو تصور مارئيءَ جي سيرت ۾ شامل ٿي. انساني حقن جي حاصلات لاءِ سجاڳي ۽ جدوجهد جو تصور بڻجي پيو آهي."[٢٣] اهڙي طرح لطيف سمنڊ جي سِپَ جي 'سَت' کان بہ سکڻ جي سجاڳي ڏني آهي." جيئن هن بيت ۾ چئي ٿو تہ :

سکو سپ سرتيون، سِپن ملا سيرُ،





ہيو متائي نيرُ ۽ اپيون ابَر آسري.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠۵ع)، 'شاهہ جو رسالو'، سرمارئي، داستان ١٠ بيت-١۵، ص:٦٠٠)

ان سِپن جي اهڃاڻ ۾ ڪيڏو وڏو سجاڳي ۽ جدوجُهد جو تصور، لطيف سمايو آهي. سِپ مسلسل مينهن جي پاڻيءَ جي انتظار ۾ آهي. اها وقتي اڄ ڪي اجهاڻ لاءِ ٻاڙو نہ ٿي پئي. پر ابر جي آسري آهي. اهو تصور آهي انسان کي پنهنجي اصولن تي قائم رهڻ جو. پنهنجي مقصدن سان منزل تي پڪي ارادي سان پر عزم، مقصدن سان وفاداريءَ جو تصور آهي. ان حوالي سان تنوير عباسيءَ جي راءِ آهي تہ،"جيئن سِپيون سڄي سمنڊ جي پاڻيءَ کي تياڳي، رڳو منهن ڦڙي کي جهٽڻ لاءِ انتظار ۾ رهن ٿيون، تيئن عورت کي پڻ سڄيءَ دنيا کي تياڳي، رڳو پنهنجي ور جي انتظار ۾ رهڻ گهرجي."[٢٤]

اهڙيءَ طرح لطيف جا سپ ڪردار عملي طرح سجاڳي ۽ جِدوجُهد جو تصور آهن. جيئن لطيف سنڌي سماج جي هڪ اهڙي ڪردار 'ٻيجل' جي چونڊ ڪري، فنڪار جو تصور ڏنو آهي. ان ڪردار کي سماج ۾ گهٽ نظر سان ڏٺو وڃي ٿو. جنهن جي نالي وٺڻ سان هڪ فنڪار جو تصور ذهن تي تري اچي ٿو. اهو فنڪار آهي، پر سماج ۾ ان کي گهٽ ذات وارو مڱڻهار سمجهي، ان جي پورهئي کي قدر جي نگاهہ سان نٿو ڏٺو وڃي. پر لطيف ان چارڻ جو ڪردار ايڏو مضبوط ڏيکاريو آهي، جو اهو ٻيجل، چارڻ وقت جي حڪومت ۾ وڏو طوفان مچائي، محلن ۾ زلزلا ٿو آڻي. ان جو تصور لطيف هن طرح بيان ٿو ڪري تہ:

مَحَلين آيو مڱڻو، سازُ ڪَڇِي سُرَندو،
سِرَ جي صَدا سُرَ ۾، گهُورَ هَٿِي گهُرندو،
متي ريءَ ملوڪ جي، چارڻ نہ چُرندو،
جهونا گڙهہ جهُرندو، پوندي جهانءِ جهَروڪ ۾.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠۵ع)، 'شاهہ جو رسالو'، سرسورٺ، داستان ٣، بيت ٣، ص: ٦٤٨)

ساڳئي ئي سر ۾ هڪ ٻئي هنڌ چئي ٿو تہ:

موتي مڱهار! شال مَ اچين ڪڏهين،
اَئِي پهَرَ اَجلَ جو ، ڪُندو منجهہ ڪَپارَ،
جنهن تو سَپَ ڄمارَ ، هَنيا ڇَتَ پَتَنِ سين.

( شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠۵ع)، 'شاهہ جو رسالو'، سرسورٺ، داستان ٢، بيت ١۵، ٢٠٠۵ع، ص: ٦٤٧)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هتي ٻيجل هڪ اهڙي ڪردار ۾ نظر اچي ٿو. جيڪو لالچ ۾ اچي فن کي وکڻي، ان جو جو ناجائز استعمال ڪري ٿو. جيڪو سماج جي ڀلائيءَ جي بجاءِ انسانن جي لاءِ تخريبڪار ٿيو پئي. اهو سماج لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿئي ٿو، ۽ هڪ سخي بادشاهه ۽ سماج جي هڪ اهڙي انسان کي ختم ڪري ٿو، جيڪو عام انسانن جي ڀلائي ۽ بهتريءَ لاءِ هميشه جدوجهد ڪري، ماڻهن جي بک ۽ بدحاليءَ کي گهٽائي ٿو. لطيف هن کي اهڙي علامت ۾ بيان ڪيو آهي، جيڪو هڪ عام مڱڻهار کان مٿي انساني جان جو دشمن ۽ تخريبڪاريءَ جو اهڃاڻ بڻجي پيو آهي .

تنوير عباسيءَ پڻ انهيءَ خيال جو آهي تہ، ”(ٻيجل) مڱڻهار ناهي، پر اهو هڪ فنڪار جي حيثيت کان اڳتي وڌي هڪ اهڃاڻ ٿي ٿو وڃي. عام مڱڻهار خطرناڪ ناهي. ان کي اجل جو ڪنڌو منجهه ڪپار ناهي. اهو مڱڻهار چٽ پٽن تي هٽي نہ ٿو سگهي، رڳو هڪڙو مڱڻهار ٻيجل ئي آهي، جيڪو اهڃاڻي حيثيت ۾ اهڙو مڱڻهار آهي، جيڪو فنڪار جو اهڃاڻ آهي. جيڪو وري وري ٿو اچي ۽ چٽ پٽن تي هٽندو ٿو رهي. اهو صحيح معنيٰ ۾ فنڪار آهي، جنهن آڏو تاج تخت يا حڪومتون ڪا معنيٰ نہ ٿيون رکن. هڪ وقت تي، هڪ فاني ڪردار مان هڪ لافاني حقيقيت جو اظهار، هڪ اٽل اصول جو بيان، جز مان هڪ ڪل جي پروڙ. انهن حقيقتن جو هڪ ٻئي بيت ۾ اظهار هيئن ڪري ٿو.“[٢٥]

محلين آيو مڱڻو، ڪٺي ساز سري،
لَڳِي تَندُ تُنبيرَ جي، ڀِيا ڪوٺَ ڪري،
هنڌين ماڳين هُوءِ ٿي، تنهنجي ٻيجل! دانهن ٻُري،
جهونا ڳڙهه جهُري، پونگي جهانءِ جهروڪَ ۾.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، ’شاهه جو رسالو‘، سرسورٺ، داستان ٣، بيت ۴، ص:٦۴٩)

اهڙيءَ طرح، ”لطيف جا اهڃاڻ رڳو مادي حقيقت ناهن، پر معنوي اشارا پڻ آهن. سندس ڪهاڻيون ۽ انهن جا ڪردار رڳو انسان ناهن، پر ان کان گهڻو مٿي آفاقي حقيقتون آهن. پر شاهه لطيف رڳو قصہ خوان يا داستان گو ناهي. هن جي هر ڪهاڻي هڪ آفاقي حقيقت ڏي اشارو آهي. هن جو هر ڪردار ڪنهن نہ ڪنهن جذبي، احساس يا ڪيفيت جي نمائندگي ٿو ڪري.“[٢٦] اهڙيءَ طرح تنوير عباسي اهڃاڻ جي وصف بابت شيليءَ جي حوالي سان لکي ٿو تہ، ”اهڃاڻ، هڪ موضوع جي تشريح ۾ مدد ڪري ٿو،





ان کي قبول ڪرڻ لائق بنائي ٿو، ان کان فرار حاصل ڪرڻ ۾ مدد ٿو ڪري. ڪن ستل ۽ ڏٻيل اظهارن کي جاڳائي ٿو، ۽ هڪ سينگار يا ڏيکاءُ طور ڪم اچي ٿو. (ان ڪري) سمبالزم، ڪنهن حقيقت جي هڪ سطح کان ٻيءَ سطح تي آيل حقيقت سان لاڳاپي کي چئجي ٿو.“[٢٧]

ٻيجل جي ڪردار جي تصور بابت ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو، تنوير عباسيءَ جي راءِ بابت لکي ٿو تہ: ”تنوير عباسي ٻيجل کي جنهن تصور ۾ ڏٺو آهي سو هڪ طاقتور ۽ سڀ تي قابو پائيندڙ ڪردار جو تصور آهي، جيڪو عام مڱڻهار کان مٿي عزرائيل جي روپ ۾ اچي ٿو. ان ڪري ئي هن کي صحيح فنڪار سمجهيو ويو آهي، جنهن جي آڏو تخت يا حڪومتون ڪا وقعت نہ ٿيون رکن. اهو فنڪار وري وري اچي ٿو. اهو فنڪار وڏي طاقت جو نمائندو بہ ٿي سگهي ٿو، جنهن کي پنهنجي فن تي ناز آهي. چو تہ هو صحيح فنڪار آهي، پنهنجي فن ۾ يڪتا. مطلب تہ ٻيجل جي ڪردار کي لطيف جي تصور مطابق هر تخريبڪار ذهن رکندڙ ڏاهي جي علامت ۾ ڏسي سگهجي ٿو.“[٢٨]

جيڪڏهن ڪاهوڙين جي ڪردارن کي ڏسجي تہ، اهي سڀ ڪردار سجاڳي ۽ جَدوجُهد جو تصور پيش ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح رامڪليءَ جا جوڳي سنياسي، ڪنوٽيا ڪن چير، اهي سڀ هستيون هن سنسار جي گيانين، سنتن ۽ آدرشي انسانن جو تصور آهن. وري سر رپ کي ڏسجي تہ، ان ۾ لطيف ڏکاريل ماڻهن جي دردن جو تصوراتي احوال ٻڌائي ٿو. جيڪي سماج جي سورن کان نهوڙجي نٻل ٿي پيا آهن. انهن ڪمزور ماڻهن جي هيڻائي ان جا اهڃاڻ انهن بيتن مان ظاهر آهن.

پر سُر رپ ۾، لطيف اهڙن ماڻهن جو تصوراتي احوال اوريو آهي، جن کي سماج جي سورن نهوڙي وڌو آهي. اهو سماج طرفان ڏنل بار بہ هر ڪو نہ کڻي سگهندو، پر اهي ئي ڪٽندا جيڪي پاڻ ئي ڏکاريل آهن. انهيءَ ڪري ئي سر رپ ۾ وڇوڙي ۽ ورلاپ وارا تصور جا بجا نظر اچن ٿا. جيئن سر رپ جي هن بيت ۾ لطيف انهن جي غربت ۽ دردن لاءِ سجاڳي ۽ جَدوجُهد جو تصور ڏنو آهي تہ :

گُوندَرَ ڪِيو غَرَقُ، ماءُ! منهنجو جِندَڙو،
ڏُکوِيَنِ مَرَڪُ، مَٿي سَڳَرَ پَنڌَڙو.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، ’شاهه جو رسالو‘، سر رپ، داستان ١، بيت ١، ص:٧٣٣)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سر ڪارايل ۾ بہ لطيف وطن، سَرُ، اڃو پاٽي، پکي، ڪانيرا، مور، هنج سيِ سڄاڳي ۽ جَدوجُهد جا تصور آهن. جيڪي لطيف جي ذاتي مشاهدي ۽ تجربي، احساسن ۽ جذبن تي ٻڌل آهن. انهن کي علامتي بڻائي اعليٰ مقصد کي بيان ڪيو آهي. لطيف: هن سُر ۾ جيڪي بہ تصور ڏنا آهن، سي زمان ۽ مڪان جي مفاصلن کي اورانگهي، هر دؤر جا نوان نڪور تصور (لڳن ٿا). لطيف جي ڪلام ۾سُر ڪلياڻ کان سُر بلاول تائين سڀني سُرن جي هر بيت ۾ لطيف سڄاڳي ۽ جَدوجُهد جي تصورن سان ڪنهن نہ ڪنهن اعليٰ مقصد جي اپٽار ڪئي آهي. جيڪڏهن سُر ڪلياڻ ۾ ڏسجي تہ لطيف سموري ڪائنات کي وحدت واري تصور ۾ آڻي، حق جي راهہ تي هلڻ لاءِ رهبر يا سونهين ڪٹڻ جي صلاح ڏئي ٿو. ان لاءِ خالق جي خاص بندي جي نشاندهي پڻ ڪري ٿو. لطيف جي ذهن ۾ پوري ڪائنات جي وحدت جي وجود بابت تصور بہ موجود آهي. اهڙيءَ طرح لطيف تمام گهري مشاهدي کان پوءِ، شاعريءَ وسيلي، سموري ڪائنات بابت جيڪو سڄاڳيءَ جو تصور ڏنو آهي، اهو پوري ڪائنات جي ڪثرت کي، ازلي وحدت ۾ سمائي ڇڏي ٿو. اهڙو فڪر لطيف هن طرح سمجهائيو آهي. لطيف چئي ٿو:

وحدت تان ڪثرت ٿي ، ڪثرت وحدت ڪُل!
حقُ حَقيقي هيڪڙو ، ٻولي ٻيءَ مَ ڀُل،
هُو هُلاچو هُلُ ، بِاللهِ سَندو سَڄَڻين .

(شاهواڻي، غلام محمد، (۲۰۰۵ع)، 'شاهہ جو رسالو'، سر ڪلياڻ، داستان پهرين، بيت ۱۸، ص:۶۹)

مٿئين بيت ۾ لطيف جو نظريو بلڪل چٽو آهي. لطيف جو نظر ۾ جز مان ڪل ۽ ڪل مان جز آهي. انهيءَ ڪري،لطيف جي آڏو هڪ جئيرو جاڳندو ۽ متحرڪ سنڌي سماج هو. ان سماج جي پر امن ۽ ترقي ڪندڙ هزارن سالن تي محيط پنهنجي هڪ تاريخ هئي. تاريخي حقيقتون، لطيف کان لڪل ڪونہ هيون. وحدت جو جيڪو ڪُل سان تعلق آهي. اهڙو ئي تعلق رياست ۾ رهندڙ ماڻهن کي پنهنجي رياست سان هجڻ گهرجي.

اهڙيءَ ريت لطيف: خدا جي هيڪڙائيءَ بابت، نہ فقط سڄاڳي ڏني آهي، پران جي تخليق ڪيل ڪائنات کي، ان جو حصو، خيال يا تصور پڻ ڪري، پوري ڪائنات کي وحدت جو ڪل سمجهي ٿو. لطيف وٽ خدا جو تصور، ڪائنات جي هر منظر ۾ سمايل نظر اچي ٿو.





ان کان اڳتي لطيف جو فڪر اجا وڌيڪ وسعت وارو نظر اچي ٿو. لطيف وٽ خدا جو تصور آهي. يعني اهو تصور جنهن جو ڪو بہ تصور نہ آهي. ڪا شڪل نہ آهي ۽ هر شڪل خدا جي آهي. ڪو وجود نہ آهي ۽ هر وجود ۾ خدا جو جلوو آهي. ان ڪري هن سڄي ڪائنات ۾ خدا جي هيڪڙائي ۽ وحدت جا منظر هر طرف وڇايا پيا آهن. انهن جو تصور لطيف وٽ هن طرح آهي:

ايڪ قصر در لک، ڪوڙئين ڪٹس ڳڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحبُ سامهون.

(شاهواڻي، غلام محمد، (۲۰۰۵ع)، 'شاهہ جو رسالو'، سر ڪلياڻ، داستان ۱، بيت ۲۳، ص:۷۰)

لطيف جي نظر ۾ هيءَ دنيا هڪ محل جي مثل آهي، جنهن ۾ ڪوڙين دريون دروازا آهن. هر طرف کان ۽ هر شيءِ ۾ خدا جي هيڪڙائي موجود آهي. جيڪي سالڪ هڪ الله جي هيڪڙائيءَ جا ڪنل يا عمل ڪندڙ آهن، انهن جو اهو وِرد آهي تہ الله تعاليٰ کانسواءِ ٻيو ڪو بہ نہ آهي. اهي دل کي حقيقت سان هڪ ڪري، طريقت جي واٽ تي سڄاڳيءَ سان هلي، سچي جاڻ، روحاني ولايت پيا ڳولين. اهي ڪڏهن بہ سڪ نہ سمهي، ويسرا تي ويهي نہ ٿا رهن. اهي سچا عاشق سِرُ ڪلهن تان ڪپيو، پاڻ فنا ڪيو ڇڏين. اهڙن عاشقن جو سِرُ سانديڻ وڙ ئي نہ آهي. ان فنائيت انسان کي اعليٰ درجي تي پهچائي ڇڏيو.

'جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون' اهڙي طرح لطيف وٽ ڪائنات ۽ انسان جو هڪ گڏيل ۽ هڪ ٻئي سان جڙيل تصور پڻ ملي ٿو، اهولطيف جو مطالعو ۽ گهرو مشاهدو، شعور ۽ ڪائنات بابت سڄاڳيءَ جو تصور آهي، جيڪو رسالي جي بيتن ۾ اڪثر ڪري هر جاءِ ملي ٿو.

انسان هن ڌرتيءَ تي هڪ ناتوان، بي وس ۽ لاچار جي حيثيت ۾اچي ٿو. ٻاروتڻ جي ماحول مان نڪري، جڏهن جواني جي چائنٹ تي پير رکي ٿو، تڏهن شعور جي سوجهري سان سندس ذهن آسودو ٿئي ٿو. اهڙي وقت ۾ڪيس هر قسم جا موقعا ملن ٿا. دنيا هن کي عمل جو ميدان نظر اچي ٿي. دنيا جي هر شيءِ هن جي اڳيان ٻوڙندي رهي ٿي. ۽ پنهنجي حاصلات لاءِ ڪيس چئلينج ڪندي رهي ٿي. انسان کي انهيءَ چئلينج سان مقابلو ڪرڻ ۽ شين جي حاصلات واري عمل جي ترغيب ۽ سچي فيصلي جي قوت بخشڻ ۽ ڏاهپ واري سڪيا لاءِ ڪنهن آفاقي هستيءَ جي رهبريءَ جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ضرورت محسوس ٿئي ٿي. ان لاءِ لطيف اهڙي هستيءَ جي رهبري اختيار ڪرڻ جو تصور ڏئي ٿو. ان جي نشاندهي ڪندي چئي ٿو ته :

وحده لاشريڪ لهو ، جان تو چئين ايئن،
تان مَڃ مُحَمَّدُ ڪارڻي، نِرتُون مَنجهان نِينهن،
تان تُون وڃيو ڪيئن، نايين سِرُ ٻين ڪي.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، 'شاهه جو رسالو'، سرڪلياڻ، داستان ا، بيت ٥، ص:٦٦)

"شاهه لطيف ان سنڌي سماج جي ڪمزور عورت ڪي ايڏو عزم ۽ ايتري ته پختگي ڏئي ڇڏي آهي. جو هوءَ جبل سان به سينو تي ساهي. ان ۾ڪيڏو وڏو اعليٰ مقصد ۽ مفهوم آهي، سجاڳيءَ ۽ جدوجهد جو، مسلسل جدوجهد جو تصور ڏنو آهي. اهڙي طرح سسئي لطيف جو هڪ ڪردار، يا جنهن جي ڪهاڻي ڪو رڳو داستان نه آهي. پر اها سسئي سماج جي انهن مسئلن جي نشاندهيءَ لاءِ، مسلسل سجاڳي ۽ جدوجهد جو تصور آهي. لطيف سسئيءَ جي سورن کي سنڌي سماج سان گڏ پوري انسان ذات جي سورن جي تصور ۾ پيش ڪيو آهي. سنڌي سماج مان جهڙيءَ طرح سهپ ۽ برداشت جو مادو ختم ٿيندو پيو وڃي. اهڙي طرح لطيف پنهنجي شاعري ۾ ان ڪي زندگي بخشي ڇڏي آهي. ان ڪري ڏکن سورن جي هن صليبي جذبي جي اثرڪان، پاڻ لطيف به بچيل ڪو نه ٿو ڏسجي تڏهن ته هيئن چوي ٿو:

جيڪي ڏنائون، سو سِر ڏيئي سهُ جِندڙا!

اهڙو سورن جي سهپ جو عالمي ۽ بين الاقوامي تصور به پهريون پيرو لطيف جي ڪلام ۾ ملي ٿو. جڏهن سورن ۽ ڏک جو اهو تصور، جيڪو سموري انسان ذات ڪي هڪڙي ئي وقت ستائي رهيو آهي، اهڙو ڏکن ۽ سورن جو احساس انساني سماج لاءِ لطيف وٽ ملي ٿو. ان ڪري لطيف هڪ سماجي مفڪر نظر اچي ٿو. اهڙو ڏک جو تصور لطيف وٽ هن طرح ملي ٿو .

ڏک لڳو ڏونگر ڀريو، پيئر! ڪاٽي پُون،
مَنان لاٿو مُون ، سندو جيئڻ آسرو.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، 'شاهه جو رسالو'، سرحسيني، داستان٦، بيت ١٦، ص:٣٥٧)

جيڪڏهن سُر سارنگ جي ڳالهه ڪجي ته اهو به پاڻيءَ جي تصور ۽ سماج ۾ خوشحاليءَ جي خواهش سان سجاڳي ۽ جِدوجُهد جو تصور ڏئي ٿو. اهڙو ئي هڪ ٻيو





ڪردار، لطيف جو سورمو 'مورڙو' آهي، جيڪو جسم ۾ جڏڙو آهي. پر ان جي عقل، ڏاهپ ۽ عملي جِدوجُهد ڪي ڏسي، ذهن تي سماج ۾ برائيءَ خلاف جِدوجُهد جي خاتمي جو تصور اڀري اچي ٿو. جيڪڏهن سنڌس سورمي ليلان تي نظرڪجي ته اها مسلسل مقصد جي حاصلات لاءِ اڻٿڪ سجاڳي ۽ جِدوجُهد جي تصور سان گڏ، نهايت عاجزي ۽ همت جو اهڃاڻ بڻجي سامهون اچي ٿي:

لِيلان! ڇِيلا ڇڏ، جي تون سوڀي! سڪيين،
ٻائي ٻاند ڳچيءَ ۾، ٻاڻُ غريبيءَ گڏ،
هڏ نه چوندءِ لڏ، جي ڪارُون آڻيين ڪانڌ ڪي.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، 'شاهه جو رسالو'، ليلان چنيسر، داستان ٢، بيت ١٩، ص:٥٠٦)

ٻئي بيت ۾ هن طرح مسلسل جدوجهد جو تصور ڏئي ٿو .

جي ليلائي نه لهين، ته ٻُڻ ليلائيج،
آسَرَ مَر لاهيج، سڄڻُ ٻاجهيندڙ گهڻُو.

(شاهواڻي، غلام محمد، (٢٠٠٥ع)، 'شاهه جو رسالو'، ليلان چنيسر، داستان ٢، بيت، ٢١، ص:٥٠٦)

اهڙي طرح لطيف هيٺن جو حامي، مسڪينن ۽ محڪومن جو مددگار، اڙيلن جو آڌار تي پنهنجا ارمان اُڌما، احساس، جذبا، امنگ، خواهشون، تمنائون، ديس واسي ڇا تا چاهين؟ ڇا تا سوچين؟ انهن جون اميدون ۽ آسرا، خواب، تعبيرون، ۽ تصور ڪهڙا آهن؟ انهن سيني احساسن ڪي پنهنجي سورمن ۽ سورمين جي ڪردار وسيلي سجاڳي ۽ جِدوجُهد جي تصورطور ظاهر ڪيو آهي. لطيف جون سڀ همدرديون انهن سماج جي ضعيف ڪمزور ڏتڙيل ۽ مسڪين مارواڙن سان آهن. سماج جي ضعيف ڪمزور عورت جي زباني انهن سيني سماج جي ڏتڙيل انسانن جي جذبن جي ترجماني ڪندي، سموري ڪلام ۾ تصوراتي انداز اپنائيو آهي.

## حوالا

١. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ١٩٨٥ع، 'جامع سنڌي لغات'، سنڌي ادبي بورڊ ، ڄامشورو، ص: ١٥٨٣.
٢. ساڳيو، ص: ٩٠٠.
٣. بلوچ، ستار، ٢٠٠٣ع، 'اردو سنڌي لغت'، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ص: ٢٩٤.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۴. شيخ، ايازعلي، ’فلسفو ۽ تعليمي نفسيات‘، رهبر پبليڪيشن ، لاڙڪاڻو ،ص: ۳۳-۴۴ .

۵. ساڳيو، ص: ۳۳.

٦. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر،۲۰۰۰ع، ’شاهه لطيف جي شاعري‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ص: ۱۲۹.

۷. ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر، (مقالو) ’شاهه لطيف جي شاعري ۾ رينڊم ۽ ريگيولر ٿيورين جو عڪس‘، ڪلاچي تحقيقي جرنل سيپٽمبر ۲۰۰۸ع ، ص:۴۹ .

۸. فهميده حيسن ڊاڪٽر، ۲۰۰۹ع، (نگران اعليٰ) انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، ص: ۲۹۵.

۹. سومرو، ساجد، ۲۰۱۲ع، (مقدمو) ’ڪليات زيب‘، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور: ص: ۱۴.

۱۰. ساڳيو، ص: ۹.

۱۱. فهميده حسين، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻولي‘، ۲۰۰۸ع، تحقيقي جرنل سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، ص:

۱۲. فاروقي، سرهندي، عبدالوحيد جان، علامه (مترجم) ۲۰۰۷ع، ’قرآن مجيد، بيان الرحمٰن في ترجمه القرآن‘ ،علمي ڪتاب گهر، ڪراچي: ص: ۸۰۰ .

۱۳. هائي رجلس،۱۹۶۵ع، ’فڪر سليم ڪي تربيت‘ (ترجمو: غلام رسول مهر) شيخ غلام علي اينڊ سنز، لاهور، ص: ۸۷.

۱۴. سبط حسن، ’پاڪستان ۾ تهذيب ڪا ارتقا‘، ص: ۲۰.

۱۵. سومرو ساجد، ۲۰۱۲ع، (مقدمو) ’ڪليات زيب‘، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور: ص: ۱۲-۱۳.

۱٦. گورکپوري ،فراق، ’شعر اور غزل‘ ،ادبي اڪيڊمي دهلي ڪالوني، ڪراچي: ص: ۳۱.

۱۷. سومرو ساجد، ۲۰۱۲ع ، (مقدمو) ’ڪليات زيب‘، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور: ، ص: ۱۴.

۱۸. جويو تاج، ۱۹۹۳ع، ’نينڻ مهتي خيال جاڳيا‘ (مهاڳ) ’شاعري ديپ جلائين ٿا‘، (شبنم گل) روشني پبليڪيشن حيدرآباد، ص: ۸.

۱۹. سڏايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، جنوري ۲۰۱۴ع، ’شاهه جو عوامي لاشعور‘ ،ماهوارسوجهرو،ڪراچي ، ص: ۴.

۲۰. عباسي،تنوير، ڊاڪٽر، ۲۰۰۰ع،’شاهه لطيف جي شاعري‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ص: ۲۷۲-۲۷۴.

۲۱. لاشاري، ف. م.، ۲۰۰۵ع، (مقالو) ’شاهه لطيف سماجي مفڪر‘، سهيڙيندڙ: آفتاب ابڙو (شاهه لطيف







عظيم مفڪر)، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو ٻيو، ص، ۱۷۹.

۲۲. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر، ۲۰۰۰ع، ’شاهه لطيف جي شاعري‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ص: ۲۷۷.

۲۳. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر،۲۰۰۵ع، ’شاهه لطيف جي شعر ۾ سماجي اوسر جو تصور‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ص: ۱۵۵.

۲۴. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر، ۲۰۰۵ع،’شاهه لطيف جي شعر ۾ سماجي اوسر جو تصور‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ص: ۱۵٦.

۲۵. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر، ۲۰۰۰ع، ’شاهه لطيف جي شاعري‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ص: ۲۴۳-۲۴۴.

۲٦. سڳيو، ص: ۲۲۵.

۲۷. ساڳيو، ص: ۲۲۴.

۲۸. سڏايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، ۱۹۹۲ع، ’شاهه لطيف جي شاعري ۾ علامت نگاري‘، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز،ڀٽ شاهه، حيدرآباد، ص: ۳۵۷.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair